پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# سنڌي ادب جو جاڪوڙي طارق اشرف

## *Abstract*

**Tariq Asharf : An Immortal diligent character of Sindhi Literature**

*Tariq Ashraf who lived for 52 years (1940-1992) but stirred the nerve of the people to come to rescue Sindh and Sindhi Language and literature.*

*He himself belonged to Syed family and this family homed to city life to groom up the young to get real education; hence settled at Hyderabad.*

*He was a real, sincere and loyal to the birth land.*

*When he came to awareness and consciousness for Sindh, the problems of Sindhi people and tyrannies of feudal lords and landlords over poor people, he couldn't help except starting the Sindhi Magazine "Sohini".*

*He introduced the talents of young people and published the stories of learned writers and the efforts of Sindhi students, teachers and professors of the University of Sindh.*

*1967 movement of the Sindhi Students is worth seen.*

*He never got disappointed after seeing the plight of the people. He was right to think so; because he received abundant of letters from the people of Sindh including Sindhi zealots in coming forward to make protests to defend against such a prejudicial order when his Magazine "Sohini" was banned by the authorities.*

*He himself was true to his conscience. He never came to terms against the real issues of Sindh. He suffered tortures of jail for many months in different times. During this period he met different persons in jail and came to know that poor persons were made dacoits by the land lords and the police the protector of law of the land. Thus their torture brought dacoits and a "Miru" one of them was a real character of his story. He was against the old antisocial and anti humanistic traditional scales of society.*

*The vicious exploited the old traditions and religion to attain their ends by torturing their own real sisters by pulling them into the dungeon of real hell against their wishes.*

*The society never helped needy but instead brought them a bad name as "Give a bad name to dog and kill it".*

*Tariq Ashraf left no stone unturned to bring Sindhi nation to be aware and fight for their rights.*

*He always felt himself alone. His stories and novels witness this thing.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ورهاڱي** يعني 1947ع کان پوءِ، سنڌ جا رهواسي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. هڪ حصو سنڌ ۾ رهيو ۽ ٻيو حصو ڀارت لڏي ويو. اهڙيءَ ريت سنڌي ادب پڻ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو هو. سنڌ ۾ ان وقت ائين ئي محسوس ٿيڻ لڳو تہ سنڌي ادب ختم ٿي ويندو، پر اسان جي نوجوان اديبن ان کي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان کي ٻيهر نئين سرِ سان جيارڻ ۽ ترقي وٺرائڻ لاءِ جتن ڪيا. انهن اديبن ۾ پير حسام الدين راشدي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، پير علي محمد راشدي، مولانا غلام محمد گرامي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شيخ اياز، ڊاڪٽر تنوير عباسي، غلام رباني آگرو، آغا سليم، جمال ابڙو، جمال رند، حميد سنڌي، اياز قادري، حفيظ شيخ، قاضي خادم، زينت چنا، عبدالله چنا، رشيده حجاب، ماهتاب محبوب، ثميره زرين، خيرالنساءَ جعفري، ليلا بانا، تنويرجوڻيجو، امداد حسيني، نسيم کرل، امر جليل، غلام نبي مغل، ظفر حسن، ولي رام وليپ ۽ طارق اشرف وغيره شامل آهن.

سنڌ ۾ هندن جي لڏپلاڻ جي ڪري ڪيترين اشاعتي پريسون بند ٿي ويون هيون، جن کي سنڌ جي ماڻهن نئين سر شروع ڪري،انهيءَ کوٽ کي پورو ڪيو. هن وقت سرڪاري پريسن ۽ ادارن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، وزارت تعليم حڪومت پاڪستان اسلام آباد ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي پريس، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي شاهہ ولي الله اڪيڊمي، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر، شاهہ لطيف چيئر وغيره ۽ خانگي پريسن ۾ آر ايڇ احمد برادرس، آزاد بُڪ ڊيپو، آر ايم فتح برادرس،زينت پريس، عبرت پريس، زيب ادبي مرڪز ۽ سهڻي پريس وغيره سنڌي ادب کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. طارق اشرف 1964ع ۾ سهڻي پريس شروع ڪئي هئي، سندس صلاحڪارن ۾ غلام نبي مغل، نظير احمد شيخ، ظفر حسن ۽ نسيم کرل شامل هئا. هن پريس ذريعي شروعاتي ڪتاب، پهريون قدم، ٻيو قدم ۽ ٽيون قدم شايع ٿيا. جن ۾ پهريون قدم 1960ع ۾ نڪتو، جنهن ۾ مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون هيون، ٻيو قدم 1968ع ۾ نڪتو، جنهن ۾ غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون شايع ٿيون ۽ ٽيون قدم، جنهن ۾ شمشيرالحيدريءَ جو ”لاٽ“ مجموعو شايع ٿيو. انهيءَ کانپوءِ باقاعده سهڻي رسالو شايع ٿيندو رهيو ۽ گڏوگڏ سنڌي اديبن جا لکيل ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طارق اشرف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو هڪ قومي خدمتگار هو. سنڌ تي 1947ع کان وٺي 1970ع تائين تمام ڏکيو وقت گذريو هو، جنهن ۾ ون يونٽ جو مسئلو، 4 مارچ جو مسئلو ۽ مارشل لا جو دور، ايوب خان جو سنڌ جي معاملي ۾ تمام سخت رويو هو. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت نه ملي سگهي. سنڌي دفتري زبان نه هئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۽ ٻين تعليمي ادارن مان سنڌيءَ کي ختم ڪيو ويو ۽ ٻين انيڪ مسئلن ڪر ڪنيو. طارق اشرف انهن ۽ ٻين اهڙن ڪيترن ئي مسئلن تي قلم کنيو آهي، هو چوي ٿو ته:

”اهو دنيا جو دستور آهي ته سوڀ هميشه حق جي ٿيندي آهي، پوءِ چاهي انهيءَ جيت لاءِ ڪيترائي ورهيه انتظار ڪرڻو پوي، ڪيتري قرباني ڏيڻي پوي. حق کي شروع شروع ۾ هار ٿيندي نظر ايندي آهي، اها هار چاهي ڪيتري ڏگهي عرصي لاءِ هجي، پر جڏهن به اها هار جيت ۾ بدلبي آهي ته اها جيت ابد تائين هوندي آهي. جڏهن ته حق جي جيت ٿي ته پوءِ وري انهيءَ جي هار نه ٿيندي آهي. اهو قدرت جو قانون آهي.“(طارق اشرف، 1973ع، سهڻي)

طارق اشرف جو اصلي نالو سيد اشرف علي شاهه ولد سيد لطف علي شاهه هو. هو پنجين جولاءِ 1940ع ۾ حيدرآباد شهر جي ڪوڪر محلي ۾ ڄائو هو. سندس ڏاڏي سائينءَ اشرف شاهه جو مشهور اوتارو، اسٽيشن روڊ تي، ليڊي ڊفرن اسپتال جي ويجهو، ريشم گهٽيءَ ڏانهن ويندڙ چاڙهيءَ جي ڪُنڊ تي هو، جتي محرم الحرام جي مهيني ۾ عَلم چاڙهيو ويندو هو، ماتم ٿيندو هو ۽ نياز ورهايو ويندو هو. مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ايوب خان جي دور ۾، اهو اوتارو ۽ سندس ٻي ملڪيت اوقاف کاتي جي حوالي ڪئي وئي.

طارق اشرف لڪياري سيد هو. سندس وڏا، درياهه سنڌ جي ساڄي ڪپ تي آباد هئا، پر پوءِ اهو سڄو سيد خاندان علم جي حاصلات لاءِ ڳوٺن مان لڏي اچي شهرن ۾ آباد ٿيو. طارق اشرف وارا به حيدرآباد شهر ۾ آيا ۽ هتي ئي تعليم حاصل ڪيائين. هو هڪ ذهين شاگرد هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي، سيڪنڊ پوزيشن ۾ حاصل ڪئي.

طارق اشرف هڪ وڏو اديب، هڪ سٺو انسان ۽ هڪ بهترين دوست هو، پر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قدرت کيس هن دنيا ۾ رهڻ جي وڌيڪ مهلت نہ ڏني، انهيءَ ڪري سندس ادبي ڪم اڌ ۾ ئي رهجي ويو. هو 10 اپريل 1992ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو، سندس آخري آرام گاهہ ٽنڊي آغا جي قبرستان ۾ آهي.

طارق اشرف کي سنڌي ادب جي جديد دور جي، اهم ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ نقادن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن. مثال طور: ”سونهن پٿر ۽ پيار“ (ڪهاڻيون) 1964ع، ”زندگيءَ جو تنها مسافر“ 1964ع، ”ڪڙندا ڪنڊهار“ 1968ع کان علاوہ سندس اهم شاهڪار ڪتابن ۾ بند اکين ۾ ڪجهہ يادون ڪجهہ سپنا“، ”درد جا ڏينهن ۽ درد جون راتيون“ وغيرہ شامل آهن.

طارق اشرف هڪ سٺو ايڊيٽر بہ هو ۽ ادارہ ادب نو جو بانيڪار پڻ هو. طارق ”سهڻي“ رسالو جاري ڪري، سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن جي لکڻين ۽ تنقيدن وغيرہ کي شايع ڪيو. هو سنڌي اديبن لاءِ چوي ٿو تہ: ”عام طرح سنڌي اديب غيرتمند هوندو آهي ۽ ادب جي اعليٰ قدرن جو پرستار هوندو آهي، هو ثنا خوانيءَ بدران قلم کي دل ۾ ٽنبي هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويندو آهي، پر ادب جي تقاضائن کي نہ لڄائيندو آهي.“(طارق اشرف، 1973ع مهاڳ) هن سنڌ جي ڪيترن ئي نون ليکڪن کي پنهنجي رسالي جي ذريعي متعارف ڪرائي، سندن همت افزائي ڪئي. هو هميشہ سٺين لکڻين کي اهميت ڏيندو هو، جنهن جو اظهار بہ هُن ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ: ”سهڻي سلسليوار کي پيش ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ نئون ۽ سهڻو ۽ سٺو ادب پيش ڪجي. سهڻيءَ ۾ شخصيت کي اهميت نہ ڏبي، سٺي شئي کي اهميت ملندي. هر سهڻي اهڙي هوندي، جيڪا اڄ جي ضرورت بہ پوري ڪري ۽ ايندڙ وقت ۾ مثالي حيثيت سان ياد اچي.“ (طارق اشرف، سهڻي 1979ع) انهيءَ ڪري هن پنهنجي رسالي جي معيار کي قائم رکڻ لاءِ هميشہ سٺيون شيون يعني لکڻيون شامل ڪيون پوءِ چاهي انهيءَ جو لکندڙ ڪير بہ هجي، هو صرف نالي ڪمائڻ واريون يا نالي وارن ليکڪن جون لکڻيون شامل نہ ڪندو هو، انهيءَ ڪري هن ٿوري ئي وقت ۾ ڪيترن نون ڪهاڻيڪارن ۽ شاعرن کي سهڻي ڪتابي سلسلي ۾ متعارف ڪرايو. پاڻ لکي ٿو: ”انهن نون مان گهڻن کان اسين اڄ بہ واقف نہ آهيون، نئين ادب کي همٿائڻ اسان جو مقصد آهي. جيڪا بہ چڱي شيءِ، نون وٽان آئي، اسان ان جي آجيان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪنداسون.“ (طارق اشرف نمبر، 9-1967ع مهاڳ)

سنڌيءَ ۾ نون ليکڪن ۾ نور محمد، شبير سومرو، نسرين جوڻيجو، محمد خان، خليل قاضي، تبسم مهتاب قريشي، يوسف لغاري، نديم قاضي، توفيق الحڪيم، اقبال جتوئي وغيره کي طارق اشرف سهڻي رسالي ذريعي متعارف ڪرايو. طارق شاعر ڪونہ هو، انهيءَ ڪري هن نون شاعرن کي متعارف ڪرائڻ لاءِ، ”امداد حسينيءَ“ جو ياڳو، سهڻيءَ ۾ شروع ڪري انهن جي همت وڌائي. انهن ۾ نصير شاد، اڪبر نظاماڻي، نور گهلو، سوز هالائي، شپرڪاش، منصور آزاد، شبير شاهہ، تسليم اختر، نورالنساءِ ميمڻ، مقصود گل، مظهر ميمڻ، روشن شيخ، نثار شيخ وغيره شامل آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ هن هر دفعي پنهنجي رسالي ۾ ڪيترن وڏن ليکڪن، ڪهاڻيڪارن، عالمن، اديبن ۽ نقادن جون لکڻيون بہ شامل ڪيون. انهن ۾ مولانا غلام محمد گرامي صاحب، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو صاحب، تاج جويو، شيخ اياز، آغا سليم، علي بابا، حميد سنڌي، عبدالحق عالماڻي،موهن ڪلپنا، رام پنجواڻي، غلام نبي مغل، قمر شهباز، امر جليل، نسيم کرل، مهتاب محبوب، مراد علي مرزا، رشيده حجاب، عبدالقادر جوڻيجو، ڊاڪٽر قاضي خادم، نذير قاضي، سحر بلوچ، ظفر حسن، مشتاق شورو وغيره جي لکڻين ۽ شيخ اياز، تنوير عباسي، الطاف عباسي، بشير مورياڻي، ذوالفقار راشدي، ابراهيم منشي، امداد حسيني، استاد بخاري، ادل سومرو، اياز گل، نورالهديٰ شاهہ، پروانو ڀٽي، تاج بلوچ، قمر شهباز، شمشيرالحيدري، سروپچند شاد، سليم ميمڻ ۽ احمد ملاح وغيره جي شاعريءَ کي شامل ڪيو. هن پنهنجي رسالي ۾ سنڌ جي وڏن ليکڪن جا خاص نمبر پڻ ڪڍيا، جن ۾ آگسٽ 1973ع ۾ امر جليل نمبر، آگسٽ 1974ع ۾ نسيم کرل ۽ 1991ع ۾ شيخ اياز جا بہ نمبر شايع ڪيا، جن ۾ انهن ليکڪن جي شخصيت ۽ فن تي روشني وجهڻ سان گڏ انهن جا انٽرويوز، خط، تبصرا، ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد ڪهاڻيون ۽ ڪتابن وغيره بابت مڪمل ڄاڻ ملي ٿي ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن ليکڪن ڪان، انهن بابت رايا، نظريا ۽ تنقيدي ليک شامل ڪيا، جنهن ڪري سندس رسالي جي اهميت وڌي ويئي ۽ سهڻيءَ جي اعليٰ معيار جي ڪري مقبوليت وڌڻ سبب سهڻي جو وڪرو تمام گهڻو وڌي ويو. حالانڪ طارق هڪ پرچي ۾ اها شڪايت بہ ڪئي آهي تہ: ”سنڌ ۾ سنڌي ماڻهو تمام گهڻا آهن، پر ڪتابن پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ جا شوقين نہ آهن. انهيءَ ڪري روح رهاڻ بند



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿي ويو ۽ هاڻي سهڻي بہ بند ڪرڻو پوندو، پر سهڻي ان نوبت کي ڪانہ پهتي.

ان کان علاوه طارق اشرف سهڻي رسالي ۾، ڪيترن ئي ٻولين جي بهترين ڪهاڻين ۽ مضمونن جا ترجما ڪرائي شامل ڪيا ويا. جن ۾ جاپاني، روسي، چيني، بنگالي، اٽلين، آمريڪي ۽ اسپيني وغيره، ٻولين جا سنڌيءَ ۾ ولي رام ولڀ، زيب ڀٽي، مسعود قريشي، آغا لياقت علي، نصير اعجاز، امتياز حسين قاضي، اڪرام حسين قاضيءَ کان ترجما ڪرائي شامل ڪيا.

طارق اشرف سهڻيءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ڪيترين ئي نين صنفن کي متعارف ڪرايو، ڪيترائي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون لکرائي شايع ڪرايا ۽ گڏوگڏ سنڌ جي ليکڪن جون لکيل بهترين ڪهاڻيون جيڪي اڄ کان پندرهن ويهہ سال پهريون تمام گهڻيون مقبول هيون، سي بہ "آڳاٽيون ڪهاڻيون" جي عنوان سان شامل ڪيون. هن رسالي ۾ طارق اشرف تنقيدي ادب جو حصو رکي، انهيءَ ۾ ڪيترين لکڻين ۽ ڪتابن وغيره تي ليکڪن جون ڪيل تنقيدون بہ شامل ڪيون. انهن سڀني لکڻين ۾، غلام نبي مغل جو "افسانہ ۽ افسانہ نگاري"، عبدالحق عالماڻيءَ جو "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي"، ڊاڪٽر دائودپوٽو جو "سنڌ جي ادبي تاريخ"، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو "1947ع کان پوءِ جو سنڌي ادب" ۽ ٻيو "قومي زبان جو مسئلو"، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو "انگريزن جي دور ۾ سنڌي نثر جو جائزو" ۽ "سنڌي ترجمي جا ڪي اصول"، ڊاڪٽر قاضي خادم جو "آزاد نظم"، طارق اشرف جو "مونولاگ"، آغا سليم جو "سنڌي ڊرامو"، شمشيرالحيدريءَ جو هند ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات وغيره شايع ڪيا. جن سان پڙهندڙن کي ان صنف جي تاريخ، سٽا ۽ اوسر بابت ڄاڻ ملي ٿي؛ طارق پنهنجي لکيل مضمون، "مونولاگ" ۾ لکي ٿو تہ: "اهو مضمون مونولاگ جي مختصر تاريخ آهي. اڄ کان ڪجهہ وقت پهرين، مونولاگ جي اسان مان گهڻن کي خبر بہ نہ هئي، پر ٿوري ئي عرصي ۾ مونولاگ واري ٽيڪنڪ تمام گهڻي مقبول ٿي ويئي آهي، پر اڄ بہ جن کي مونولاگ جي ڄاڻ ڪونهي، اهو مضمون انهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ فائدو ضرور ڏيندو." (طارق اشرف، 1971ع، ص: 5) ان کان سواءِ طارق اهو بہ لکيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ اديب جون هڪ کان وڌيڪ سٺيون لکڻيون هڪ ئي وقت ۾ مليون تہ انهن کي بہ هڪ ئي وقت تي شايع ڪيو ويو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويندو ۽ هر شاعر جون گهٽ ۾ گهٽ سورنهن شيون ڏنيون ويندڻيون. هُن سنڌ ۽ هند جي ڪيترن ئي اديبن جا سفرناما، ادبي خاڪا، خط ۽ تبصرا شايع ڪرڻ سان گڏ، مارڪيٽ ۾ آيل نون ڪتابن بابت پڻ ڄاڻ ڏيندو رهندو هو. طارق اشرف ڪيترائي سياسي انٽرويز بہ سهڻي رسالي ۾ شامل ڪيا، جن ۾ پيار علي الانا، عبدالله بلوچ، عزيز الله شيخ ۽ مير هزار خان بجاراڻي وغيره شامل آهن.

طارق جيئن تہ پاڻ افسانوي ادب سان شوق رکندڙ ۽ ڄاڻو هو، انهيءَ ڪري هن ٻين ٻولين جي فئنٽسيز/ڪهاڻين جا ترجما نظير شيخ ۽ ولي رام ولڀ کان ڪرائي سنڌي ادب کي انهن صنفن کان متعارف ڪرايو. هن پيري لوئي جي يوناني نظم، The Moon with Eyes of Blue نيرن اکين وارو چنڊ جي عنوان سان، شمشيرالحيدريءَ کان ترجمو ڪرايو. سنڌي ادب ۾ تنقيد بابت مختلف عالمن جي راين ۽ نظرين سان مقرر ڪيل معيار بابت طارق پاڻ بہ قسطوار مضمون شايع ڪرايا.

طارق اشرف سهڻي پريس ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب پڻ شايع ڪرايا هئا. "اسان جي سنڌ ۽ اڻ وسرندڙ ڪهاڻيون"، نالي سان مختلف ليکڪن جون عظيم ڪهاڻيون جي نالي سان ڪتاب شايع ڪرايو. نجم عباسيءَ جا ڪتاب "رشتا ناتا" ۽ "دوکو"، غلام ربانيءَ جو "پيار جي پري"، جمال ابڙي جو "بدمعاش"، شيخ اياز جو "سفيد وحشي"، امر جليل جو "رُڃ"، بشير مورياڻيءَ جو "اڌوري اڌام"، غلام نبي مغل جو "سٺ، ستر، اسي" کان سواءِ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "سونهن، پٿر ۽ پيار" شايع ڪرايا، جن ۾ هن پاڻ انهن ڪتابن جا پيش لفظ لکي، انهن جي لکڻين جي خوبين، فن ۽ ٽيڪنڪ ۽ ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو پڻ پيش ڪيو آهي. هن الطاف شيخ جا سفرناما "بندر بازاريون"، "وايون وڻجارن جون"، "سمونڊ جي ساٿيھ"، "جاني تہ جهاز ۾" ۽ تنوير عباسيءَ جو 1988ع ۾ لکيل سفرنامو "ڏوري ڏوري ڏيهہ" ۽ نسيم کرل جي ڪهاڻين ۽ مضمونن جو مجموعو "ڊمي" پڻ شايع ڪيا. تنوير عباسيءَ ۽ ٻين ليکڪن جي سفرنامن بابت پڻ طارق پنهنجي راءِ پيش ڪئي آهي. مثال طور: تنوير عباسيءَ جي سفرنامي جي پيش لفظ ۾ هو لکي ٿو تہ: "مون کي ذاتي طور تي ڄاڻ آهي تہ جن سنڌي ليکڪن جو مطالعو تمام گهڻو ۽ اونهو آهي، تنوير انهن مان هڪ آهي. تنوير جي سفرنامي ۾ انهيءَ جو پورو پورو ثبوت ملي ٿو. سفرنامو ڇا آهي ۽ ڪيئن لکجي، اهو تنوير جي هن سفرنامي پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي. مان نٿو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سمجھان تہ سنڌيءَ ۾ انھيءَ کان سٺو سفرنامو اڄ تائين ڪنھن لکيو اھي. تنوير ھڪ شاعر آھي ۽ سندس شاعريءَ، سفرنامي ۾ پورو پورو فائدو ڏنو آھي. "(طارق اشرف، 1988ع) اھڙيءَ ريت تنوير عباسيءَ جي ڪتاب "ترورا" ، جنھن ۾ سندس ادبي مضمون، خاڪا، يادگيريون ۽ اڻ ڇپيل سفرنامو آھي. انھيءَ ۾ ھن پنھنجي راءِ ڏيندي لکيو آھي تہ: "ھر سنڌي پڙھندڙ جي اھا خواھش ضرور ھوندي تہ ھو سنڌيءَ جي عظيم شاعر نارائڻ شيام سان ملي ۽ ھن سفرنامي ۾ تنوير، نارائڻ شيام، سان ملڻ جي ڪنھن حد تئين خواھش پوري ڪئي آھي. تنوير جا مضمون خاص ڪري، "آزاد نظم" "ھائڪو" ۽ "سنڌي جديد شاعري" اھڙا مضمون آھن، جن جي افاديت ھر دور ۾ محسوس ٿيندي. ھي ڪتاب انھيءَ لحاظ کان منفرد آھي تہ ھن ۾ تنوير جا ادبي مضمون بہ شامل آھن. اديبن تي لکيل خاڪا ۽ ڪتابن تي تبصرا ۽ يادگيريون شامل آھن. انھيءَ کان علاوه طارق اشرف جي ڊائري "بند ڪوٺن جا ڏينھن رات" سان گڏ ھن عالمي ادب مضمون، "اوڙاھ" ناول تي تبصرو، "انڌا اونڌا ويڄ" تي تبصرو وغيره بہ سھڻيءَ پبليڪيشن جا شايع ٿيل آھن.

طارق اشرف ھڪ بھادر ۽ سچو قوم پرست ھو. ھن کي پنھنجي ڌرتيءَ سان پيار ھو، ھو سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻھن کي ھميشہ آسودو ۽ خوشحال ڏسڻ جو خواھشمند ھو. ھن کان پنھنجي ڌرتيءَ جي رھواسين جا ڏک ۽ تڪليفون برداشت نہ ٿينديون ھيون. ھو ھر حال ۾، پنھنجي ٻوليءَ کي بچائڻ ۽ ان جو تحفظ ڪرڻ جي فڪر ۾ ھوندو ھو. انھيءَ ڪري ھن پنھنجي رسالي ۾ ڪيترائي ايڊيٽوريل لکي ماڻھن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ھن سنڌ ۽ سنڌين سان، جيڪي حق تلفيون ٿيون آھن، انھن جي خلاف نھايت ئي دليرانہ انداز ۾ لکيو آھي، ھو فرمائي ٿو تہ: "پنھنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ تعصب آھي، نفرت ۽ حقارت ڦھلائڻ آھي تہ اسين وڏي واڪ چئون ٿا تہ اسين تعصبي آھيون، (سھڻي، اپريل 1974ع) طارق اشرف ان وقت جي حڪومت جو سنڌي ماڻھن سان ناانصافيءَ وارو رويو ڏسي، انھن جي خلاف ۽ سنڌ جي وڏيرن ۽ جاگيردارن جو سنڌي عوام سان ظلم ڪرڻ جي خلاف، سھڻيءَ ۾ ڪيترائي دفعا پيش لفظ لکي پنھنجو آواز ٻين تائين پھچايو، ان کان سواءِ ھن موھن ڪلپنا جو ناول "جلاوطن" سھڻيءَ ۾ قسطوار شايع ڪيو ۽ امر جليل جي ڪھاڻي "سرد لاش جو سفر" شايع ڪئي. جنھن جي نتيجي ۾ ڪيس گھڻو ڀوڳڻو پڻ پيو، پر ھو پنھنجي ضمير مطابق ڪم ڪندو

رهيو.

هن جيل ۾ پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ هن اُتي جي مختلف قيدين، غريبن ۽ مسڪين بي ڏوهين تي جيل عملي جي ٿيندڙ ظلمن خلاف به لکيو هو. هن ”جيل ۾ ٻاويهه مهينا“، ”اڌ ملاقات“، ”جيل گهاريم جن سين“ ۽ ”هٿين هٿڪڙول“ جهڙا ڪتاب لکي هن جيل ۾ ٿيندڙ ڏاڍن کي وائکو ڪيو. هن جيل ۾ هڪ غريب مسڪين، سماج جي پيڙهيل ۽ ستايل ميروءَ جي زندگي بابت ”ميرو ڏاڙيل“ نالي ناول لکيو هو. هونئن ته عام ماڻهو جا جيل جو نالو ٻڌندي يا جيل ۾ گهاريل عذاب جي زندگي گذارڻ بابت ٻڌندي لڱ ڪانڊارجي ويندا آهن، هو خوف ۾ ڊڄي ۽ هيسجي ويندو آهي، پر طارق اشرف کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻه دفعا جيل وڃڻو پيو ۽ هو اتي جي تڪليفن کان ڊڄڻ ۽ هيسجڻ بدران وڌيڪ پڪو، مضبوط ۽ بهادر ٿي نڪتو. هو بقول شاهه سائينءَ جي ”پڇڻ گهٽا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ“ تي عمل ڪري ثابت قدم رهيو. سندس ارادو نيڪ هو ۽ انهيءَ ڪري هو وڌيڪ گهڙجي سون ٿي ويو. هو پنهنجي رسالي ذريعي سنڌي عوام کي سندن دشمنن کان بچاءَ جي آگاهي ڏيندي، انهن کي خبردار ڪندو رهندو هو ۽ انهن ۾ ٻڌيءَ ۽ ايڪي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. سندس خواهش هئي ته سنڌين ۾ ڪو اهڙو قومپرست ليڊر هجي، جيڪو سڄي قوم کي يڪجا ڪري، انهن ۾ ٻڌي پيدا ڪري ته جيئن سنڌي قوم وڌيڪ منظم ۽ مضبوط ٿئي. هو سهڻيءَ جي پليٽ فارم تان بي پرواهه ۽ سستي ڪندڙ سنڌين کي تنبيهه به ڪندو رهندو هو ۽ نصيحتون به ڪندو رهندو هو، صلاحون به ڏيندو رهندو هو. هو هڪ هنڌ لکي ٿو ته، ”افسوس سنڌي نه سجاڳ ٿيا ۽ نه متحد ٿيندا، نه اسان جون رڙيون انهن کي سجاڳ ٿيون ڪن ۽ نه ئي نصيحتن ۽ صلاحن تي اهي ڪن ٿا ڏين. . . سنڌي قوم کي پٽائيءَ جو پيغام نه جاڳائي سگهيو، سائين جي ايم سيد نه جاڳائي سگهيو، شيخ اياز نه جاڳائي سگهيو، ته پوءِ اسين ڪيئن جاڳائي سگهنداسون.“(طارق اشرف، سهڻي 10، 1971ع)

طارق اشرف انهن حالتن هوندي به هو نااميد نه ٿيو، پر پنهنجي جستجو جاري رکندو آيو. انهيءَ جي سزا ڪيس اها ڏني ويئي جو هن جي پريس کي بند ڪيو ويو، پر هو پنهنجي ارادي تي قائم رهيو هو، سرڪار تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: ”هن دور ۾ اهو چيو وڃي ٿو ته پريس کي آزادي آهي، جائز تنقيد جا حامي آهيون، اها ضرور



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪجي.“ پر اسان کي اها شڪايت آهي تہ پريس کي مڪمل آزادي آهي ئي ڪونہ ۽ نہ ئي تنقيد جيڪا جائز ڪجي ٿي، انهيءَ جي اسان کي اجازت آهي ۽ نہ ئي اها برداشت ڪئي ٿي وڃي. جيڪڏهن پريس کي آزادي هجي ها تہ سنڌي رسالن جا اديب ۽ آئون جيل ۾ نہ وڃان ها. چيو وڃي ٿو تہ، صحتمند تنقيد ڪريو پر جيڪڏهن ڪو ايڊيٽر يا اديب صحتمند تنقيد ڪري ٿو تہ اهو جيل اماڻيو وڃي ٿو ۽ سندس پريس بند ڪئي وڃي ٿي.“ (4 مارچ 1996ع) سندس اها ڪوشش رائگان نہ ويئي. هن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ هڪ وقت اهڙو آيو جڏهن سهڻي پريس کي بند ڪرڻ جي خبر عوام ٻڌي تہ هنن احتجاج ڪيو. هنن طارق اشرف کي ڪيترائي خط لکيا جن ۾ هنن ڄاڻايو تہ: ”اسان کي ڄاڻ ملي آهي تہ حڪومت طرفان سهڻيءَ جو پرچو بند ڪيو ويندو. اها خبر جڏهن سنڌ جي سرويچن کي پئي تہ هنن مون کي ايترا خط لکيا، جيترا اڳ ۾ سهڻيءَ جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪونہ آيا، انهن سرويچن نہ فقط حڪومت جي انهيءَ ڪچنڊڙ قدم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي، بلڪ منهنجي همت افزائي پڻ ڪئي ۽ يقين ڏياريو تہ جيڪڏهن سهڻيءَ تي پابندي وڌي ويئي تہ هو خاموش نہ ويهندا. سنڌي قوم هاڻ سجاڳ آهي. هنن اهو بہ يقين ڏياريو تہ هاڻ طارق اشرف اڪيلو نہ آهي. هو سڀ بڪ هڙتال ڪندا، جيلن ۾ ويندا، تڏهن مون ۾ وڏيڪ همت آئي تہ هاڻي آئون اڪيلو نہ آهيان، مون سان هزارين محب وطن ڪارڪن گڏ آهن، تہ منهنجو اهو فڪر گهڻي حد تائين لهي ويو ۽ مون کي پڪ ٿي تہ سنڌي نوجوانن جنهن عزم جو اظهار ڪيو آهي سي توڙ نباهيندا.“(سهڻي مارچ 1967ع) طارق اشرف سنڌي ماڻهن کي ويٽنام جي عوام جي جستجو بابت ڄاڻ ڏيندي، انهن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو آهي تہ: ”ويٽنام جو مظلوم عوام سوين سالن کان آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيو آهي. ويٽنام جو مظلوم عوام، ويٽنام جو بهادر عوام، ويٽنام جو غيرتمند عوام هڪ طويل عرصي کان ظلمن سان جنگ جوٽي بيٺو هو، انهن پنهنجا لکين ڪونڌر ڪهرايا، لکين زالون بيواهہ ٿيون، سندن ٻار يتيم ٿيا، لکين مائرون بي اولاد ٿيون، پر انهن جو پهہ ۽ حوصلو قائم رهيو، بلڪ هر نئون ڏينهن، انهن لاءِ نئون حوصلو ۽ نئون عزم ڪٽي ٿي آيو.“(طارق اشرف، سهڻي، مارچ، 1967ع)

طارق اشرف سنڌي ٻوليءَ جي مسئلي تي بہ مختلف ايڊيٽوريل لکيا. هن هڪ هنڌ، پنهنجي سنڌي زبان کي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪرائڻ لاءِ تحريڪن هلائڻ تي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زور ڏيندي لکيو آهي تہ: ”اسان سنڌي هڪ ڪروڙ ڪان مٿي آهيون، اسان جي زبان کي قومي زبان بنايو وڃي.“(سهڻي) انهيءَ لاءِ ايوب خان جي مارشل لا دور کان وٺي تحريڪون هلايون ويون، جنهن جي ڪري هزارين شاگردن کي جيلن ۾ قيد ڪيو ويو، پر تڏهن بہ سنڌي پنهنجي تحريڪ جاري رکندا آيا. يوسف ٽالپر، اقبال ترين، لالا قادر، جام ساقي، مسعود نوراني، يوسف لغاري، مهر حسين شاهہ ڪئين دفعا جيلن ۾ موڪليا ويا، انهن کي هر قسم جون تڪليفون ۽ سزائون ملنديون رهيون، هنن پنهنجي زبان کي قومي زبان جو درجو ڏيارڻ ۽ انهيءَ کي بچائڻ چاهيو ٿي، انهيءَ ڪري هو هر قسم جون سختيون سهندا رهيا، اهي پوءِ سنڌي قوم جا هيرو ليکيا وڃن ٿا. رشيد ڀٽي انهن بابت چوي ٿو تہ ”جام ساقي، مهر حسين شاهہ، مير ٿيٻو، مجيب پيرزادو، اقبال ترين، مسعود نوراني، يوسف ٽالپر، يوسف لغاري ۽ لالا قادر وغيره سڀ ڄڻ هڪ ئي فوج جي سپاهہ جا سرواڻ هئا. انهن جي اتحاد ۽ سرگرميءَ ۽ دانشورن جي تعليم ۽ پرچار اهو ولولو ۽ زندگي پيدا ڪئي جو حيدرآباد جاڳي پيو.“(رشيد ڀٽي، سهڻي، ص:91-1987ع) اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جو بل 1972ع ۾ پاس ٿيو. انهيءَ بابت طارق اشرف، ان وقت جي وڏي وزير ممتازعلي ڀٽي، ڪمال اظفر، ظفر شاهہ ۽ عبدالقادر سنجراڻي جو سهڻي رسالي جي ذريعي ٿورو مڃڻ سان گڏ، سنڌي عوام کي متحد ٿيڻ جو درس پڻ ڏنو ۽ عوام ۾ سجاڳي ۽ بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هو هر سنڌيءَ جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي هو،هو مجاهد هو، هن سنڌي قوم جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي لمحا فد ڪري ڇڏيا. هو هڪ ادارو هو، هو هڪ تحرڪ هو.

سنڌ ۾ شاگرد تحريڪ جي سلسلي ۾ 4 مارچ 1967ع جو ڏينهن اهم حيثيت رکي ٿو. ان ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد، جلوس جي صورت ۾ بسن ۾ ايندي، جڏهن راجپوتانا اسپتال وٽ پهتا تہ مٿن حملا ڪرايا ويا. فائرنگ ڪرڻ سبب ڪيترا شاگرد زخمي ٿي پيا، ڪيترن شاگردن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو ۽ اتي ڪين ڦٽڪا هنيا ويا ۽ مختلف قسمن جون سزائون ڏنيون ويون. انهيءَ ڏکوئيندڙ منظرن کي رشيد ڀٽي هن لفظن ۾ ٿو پيش ڪري تہ: ”4 مارچ 1967ع تي سنڌ جو نوجوان خون سان رنگجي ريٽو ٿي پيو. ان قرباني ساريءَ سنڌ کي باهہ جو شعلو بڻائي ڇڏيو، سنڌ جي قومي هلچل جي تاريخ جو اهو واقعو، سنڌ جي سياست ۾ اهم موڙ آڻيندڙ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ثابت ٿيو.“ (رشيد ڀٽي، 1988ع) ان وقت سنڌ جي عوام، سنڌي شاگردن سان ڏاڍاين ۽ سختين خلاف پنهنجو آواز بلند ڪيو ۽ احتجاجي طور سڀ شاگرد ۽ شاگردياڻيون ميدان تي مقابلي لاءِ نڪري آيا. سنڌي قوم جي هر ماڻهوءَ ننڍي وڏي، اديب شاعر ۽ ليکڪ سندن ساٿ ڏنو هو. تڏهن ڪان وٺي سنڌي شاگرد ۽ عوام 4 مارچ تي احتجاجي جلسا ۽ جلوس ڪڍي، قوم پرست نوجوانن کي خراج تحسين پيش ڪندا رهندا آهن. طارق اشرف بہ 4 مارچ تي هڪ زبردست ايڊيٽوريل لکيو هو، جنهن جي ذريعي هن شاگردن کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي. 4 مارچ جي ڏينهن بابت هو لکي ٿو تہ: 4 مارچ 1967ع تي شاگردن ۾ ٻڌي هئي، مقصد هڪڙو هو ۽ صحيح مقصد هو. سڄي سنڌي قوم جو مسئلو هڪ هو ۽ سڄي قوم جي همدردي، شاگردن سان هئي. شاگردن جدوجهد ڪئي، تڪليفون سٺيون، جيلن ۾ ويا، ڦٽيا، رت وهايائون، پر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويا. شاگردن جي پنڌ پڄي پيو ۽ هو تن من سان سنڌ جي قومي هلچل ۾ ٽپي پيا. (طارق اشرف، مارچ، 1975ع)

طارق اشرف اڳتي هلي، سنڌي شاگردن ۾ ايڪي جو فقدان ڏسي دل شڪستہ ٿي پيو ۽ پوءِ هو انهن کي تنبيهہ ڪندي لکي ٿو تہ: ”هاڻ تہ 4 مارچ 1967ع واري ڳالهہ نہ رهي آهي، ٻڌي تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي. شاگرد هڪ ٻئي جا دشمن ٿي بيٺا آهن، مختلف پارٽيون آهن، سڀني جا مقصد الڳ، مسئلا الڳ آهن. سڄي سنڌ جي عوام جو ساٿ ڪنهن بہ شاگرد جماعت سان ڪونهي ۽ نہ ئي شاگرد جماعت سنڌ جو مسئلو حل ڪرائي ٿي سگهي ۽ نہ ئي عوام کي انهن سان همدردي رهي آهي. جيستائين سنڌ جا شاگرد، سنڌ خاطر هڪ پليٽ فارم تي گڏ نہ ٿيندا، پاڻ ۾ ٻڌي پيدا نہ ڪندا اصلي مسئلن ڏانهن ڌيان نہ ڏيندا، هڪڙي مقصد لاءِ گڏجي ڪوشش نہ ڪندا. تہ سنڌ جو عوام بہ شاگردن سان گڏ نہ هوندو ۽ نہ همدردي ڪندو.“ طارق شاگردن کي وڏيڪ سمجهائيندي چوي ٿو تہ: ”جيستائين سنڌي شاگردن ۾ ٻڌي نہ ٿيندي، جيستائين انهن مان خود غرضي ختم نہ ٿيندي، جيستائين هو پرمٽن تي وڪامجند رهندا، جيستائين پئسي خاطر، پنهنجن ذاتي مفادن خاطر، غلط ماڻهن ۽ غلط پارٽين لاءِ نعرا هڻندا رهندا، تيستائين احتجاجي طور آئون 4 مارچ جو نمبر شايع نہ ڪندس.“(مارچ 1975ع)

طارق اشرف شاگردن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي هدايت بہ ڪندو رهيو. هن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي سوچ ۽ چوڻ مطابق، جيستائين ڪا بہ قوم تعليم يافتہ نہ هوندي تہ اها ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهندي. هن نوجوان نسل کي تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سخت تاڪيد ڪيو تہ محنت ڪري، صحيح تعليم حاصل ڪري ۽ اعليٰ مقام حاصل ڪري. هُن مقصد جي ڪاميابيءَ حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن ادارن ۽ قوم جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ هن ريت پيغام ڏنو آهي تہ: ”سنڌ يونيورسٽي، سنڌ جي عزت آهي، لڄ آهي، انهيءَ لڄ جي حفاظت ڪريو. اسان جا شاگرد سڄو سال پڙهن ڪونہ، بلڪ ڪاپي ڪري پاس ٿين. ڇا اها ڳالهہ پسند ڪريو ٿا تہ اسان جي شاگردن کي سنڌ جي مسئلن جي صحيح ڄاڻ ئي نہ هجي ۽ نہ ئي مسئلن جي حل جي ڄاڻ ۽ هو فقط نلها، سنڌ ۽ سنڌين کي نقصان رسائيندڙ نعرا هڻندا وتن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ روز جهيڙا، جڳهڙا ۽ خون خرابا ڪندا وتن. شاگردن کي گهرجي تہ سنڌ جي مسئلن کان واقف ٿين ۽ مسئلن جو حل ڳولهين، نلها نعرا نہ هڻن. (طارق اشرف، 7، 1974ع)

طارق اشرف هڪ اديب هو. اديب تمام گهڻو حساس ۽ امن پسند هوندو آهي، هو چاهيندو آهي. تہ سندس پيغام ذريعي قوم ۾ انقلاب اچي ۽ قوم پنهنجا حق حاصل ڪري. طارق جڏهن ڏسي ٿو تہ سنڌي ننڍين ننڍين ڳالهين تان جهيڙا ڪري، هڪ ٻئي جا خون ڪندا رهن ٿا، تڏهن تمام گهڻو پريشان ٿئي ٿو، جنهن جو اظهار هو هنن لفظن ۾ ڪري ٿو تہ، ”ٻہ ڪونڌر ڪسجي ويا، ٻہ جوڌا، سنڌي جوڌا مارجي ويا، ٻن مظلومن جو قتل ٿي ويو، ٻہ گهر اجڙجي ويا، ٻہ خاندن برباد ٿي ويا، سنڌ جا ٻہ هوشيار شاگرد مري ويا. انهن کي ماريو ڪنهن؟ سنڌين- ڇا جيئي سنڌ جو مقصد اسان جي آڏو اهو آهي تہ اسين پنهنجن ڪونڌرن کي پاڻ ئي ماريون. ننڍڙين ننڍڙين ٻاراڻين ڳالهين تان ٻہ جانيون ضايع ڪيون ويون. اهي سنڌوءَ جا فرزند هئا، اهي محبت وطن سنڌي هئا ۽ جيڪي ريسٽيگيٽ ٿيا، اهي بہ سنڌي هئا، ڪي استاد ۽ آفيسر يونيورسٽيءَ مان ڪڍيا ويا اهي بہ سنڌي آهن. سارو نقصان سنڌين جو ئي ٿيو.“(طارق اشرف، 7، 1974)

انهيءَ دور ۾، پاڪستان ٽيليويزن تان سنڌي پروگرام کي تمام گهٽ وقت ڏيڻ تي بہ طارق سخت احتجاج ڪيو. هن پنهنجي رسالي ذريعي اها شڪايت پي ٽي وي وارن تائين پهچائي. هو لکي ٿو تہ: ”ماٺ ڪيان تہ مُشرڪ ٿيان، ڪڇان تہ ڪافر“ ساڳيو حال اسان جو آهي. جيڪڏهن ٽي وي وارن جي خلاف لکون ٿا تہ چون ٿا تہ انهن کي ذاتي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ضد آهي، ٻئي جي چرچ تي اسان جي خلاف لکيو اٿن، پر جيڪڏهن خاموش ٿا رهون ته سنڌي زبان ۽ سنڌين سان ناحق. بهرحال ماٺ رهي سنڌ ۽ سنڌين سان حق تلفي ٿيندي ڏسون اهو ممڪن ڪونهي. ڪي همراهه ناراض ٿين ته پل ٿين، اسين حق ۽ سچ ضرور چونداسون، جيڪڏهن پنهنجا سنڌي آهن ته انهن کي به بلڪل حق سچ چوڻو آهي، پر هڪڙو وڏو ظلم ته اهو آهي جو سنڌي پروگرام کي فقط اڌ ڪلاڪ جو وقت ڏنو ٿو وڃي، سو انهيءَ مان به سنڌين کي هڙ حاصل ڪونه ٿئي. سنڌ ۾ اديبن جي کوٽ ته ڪونهي، جو سنڌي ڊراما، سنڌين جي بجاءِ غير سنڌين کان ٿا لکرائين. سنڌ سينگار پروگرام ۾ غير سنڌي ڇوڪريءَ کي سنڌي ڪپڙا پهرائي، سنڌي زبان تي ٺٺوليءَ جي انداز سان ڳالهائيندي ۽ هاڻ وري سنڌ سينگار پروگرام ۾ ڊانس ڊراما پيش پيا ٿين، جيڪي اسان جي سنڌي ثقافت ۾ آهن ئي ڪونه، ان جي بدران سنڌي لوڪ ناچ پيش ڪيا وڃن. ٽي وي جي اها حالت ڏسي، ٽي وي پيڇڻ تي دل ٿي ٿئي. “(سهڻي، ڊسمبر 1974ع)

طارق اشرف گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، ڪيس سنڌي ادب ۾ بحيثيت ڪهاڻيڪار جي اهم مقام حاصل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عام طور تي سنڌ، سنڌي سماج ۽ معاشري جا مختلف پهلو نظر اچن ٿا. هو ڪهاڻي لکڻ وقت پنهنجي معاشري جي ٽڙيل پکڙيل، ننڍين ننڍين واقعن کي، پنهنجي مشاهدي سان نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ اڪيلائپ گهڻي نظر اچي ٿي، جنهن کي هن پاڻ به محسوس ڪيو آهي ۽ انهيءَ جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته: ”مون پاڻ کي زندگيءَ ۾ سدائين اڪيلو محسوس ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ساٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي به آهي ته اهو ساٿ وقتي ثابت ٿيو ۽ مان وري به اڪيلو رهجي ويس. اڪيلو ئي زندگي جو سفر طئي ڪندو رهيو آهيان. منهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾، ٻيو ڪو به نه، مان پاڻ آهيان، تنها تنها. “ (طارق اشرف 1978ع) طارق جي اڪثر ڪهاڻين ۾ اخلاقي ۽ سماجي پابندين ۽ جذبات کان سواءِ محبت ۾ ڪشمڪش ڏيکاري ويئي آهي ۽ انهن ۾ هن هڪ خاص نفسياتي نتيجو ڪڍيو آهي. سندس ڪهاڻي ”زندگي او زندگي“ ان جو سٺو مثال آهي.

طارق پنهنجين ٻين لکڻين وانگر سنڌي ڪهاڻين ۾ به سنڌي قوم، ان جي زندگيءَ جون ريتون رسمون، رواج، ڪلچر ۽ ثقافت وغيره کي پيش ڪيو آهي. سندس

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪهاڻي، ”پيار جي سرحد“ ۾ ٻن ماساتن جي پيار جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي، جيڪي صرف پنهنجين رسمن رواجن جي ڪري برباد ٿين ٿا. هن ڪهاڻيءَ مان ڪي جملا پيش ڪجن ٿا، جن مان محسوس ڪجي ٿو تہ اسان جي معاشري جي تباهيءَ جا ڪارڻ اهي ئي ريتون رسمون آهن.

”اسان جي ستن پيڙهين ۾ ڪنهن بہ عورت جي شادي نہ ٿي آهي.(ص:35) چاڪاڻ تہ هن جي وڏن جو خيال هو تہ، هن جو ڪو ثاني شريڪ ڪونهي. ڪوبہ انهن جو مَٽ ڪونهي. حد اها جو سوٽ، سوٽ کي پاڻ کان گهٽ ڪري پانئين.(ص:38) مان صنوبر جو ماسات هوس، پر ماسي انهن جي خاندان مان نہ هئي، جيتوڻيڪ اسين بہ سيد آهيون ۽ هو بہ پر هو پاڻ کي اسان کان مٿي ڪري پانئين، ڇو جو انهن جي چوڻ مطابق هو ولين جو اولاد آهن. انهيءَ ڪري هنن جو مرتبو اسان کان مٿي آهي ۽ انهن جون ڌيئون ۽ پيٽون پاڪ ۽ معصوم آهن.“(ص: 38)

طارق جي ٻي ڪهاڻي ”موٽائي ڏيو منهنجا خواب“ بہ هڪ بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ بہ هڪ نوجوان ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ جي شادي، سندس مائٽ پنهنجي مرضيءَ سان، هڪ پوڙهي سان انهيءَ ڪري ڪرائڻ چاهين ٿا، ڇاڪاڻ تہ هو دولتمند آهي. مثال طور: ”جيئن سلميٰ چوي ٿي تہ: سلميٰ جي واتان هلڪي رڙ نڪري ويئي، نہ نہ ائين ڪيئن ٿيندو، منهنجي شادي هن پوڙهي سان ڪيئن ٿيندي، هو تہ منهنجي پيءُ جيڏو آهي.“ ”ها پر دولتمند آهي، انهيءَ ڪري تنهنجي پاءُ اهو سڱ قبوليو آهي. تنهنجي پاءُ کي دولت گهرجي. ويل ساک کي ۽ پنهنجي ويل دولت کي، هو تنهنجي ذريعي وري موٽائڻ چاهي ٿو.“(طارق اشرف، 1978ع) طارق پنهنجي ڪهاڻي ”روپ ٻهروپ“ ۾ اسان جي قوم جي ليڊرن جا ڪڌا ڪرتوت نهايت ئي اثرائتي نموني بيان ڪيا آهن. اسان جا قومپرست ليڊر، نام نهاد ليڊر، جن کي پنهنجي قوم جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ تي ڪوبہ ڏک ڪونہ ٿيندو آهي. اهي پاڻ تہ پئسن تي وڪامجي ويندا آهن ۽ پنهنجي قوم کي ڏوڪي ۾ رکندا ايندا آهن. نيٺ انهن جا اهي ڪرتوت پڌرا ٿي ويندا آهن، جنهن جي ڪري عوام انهن کان نفرت ڪندو رهندو آهي.

طارق پنهنجي ڪهاڻي ”منهن ڪارو“ ۾ جمال ابڙو، نسيم ڪرل، اياز قادري، امر جليل ۽ ٻين ڪهاڻيڪارن وانگر، پنهنجي قوم جي سادن، غريب ۽ مسڪين ماڻهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي مجبورين کي بيان ڪيو آهي تہ اهي سادا ۽ غريب ماڻهو غربت جي ڪري، غلط ڪم ڪن ٿا، چوريون ڪن ٿا، ڦرون ڪن ٿا ۽ ڌاڙا هڻن ٿا. اها انهن جي مجبوري آهي تہ هو پنهنجي بيمار ٻار کي موت جي منهن مان بچائڻ لاءِ، ان جي دوا خريد ڪرڻ لاءِ، پئسن جي نہ هجڻ جي صورت ۾، پڙ چورائي ٿو، يا پيو ڪو اهڙو ڪڌو ڪم ڪري ٿو ان جو منهن ڪارو ڪري، گڏھ تي چاڙهي، پادرن جا هار پهرائي، مار موچڙا ڏيئي، ان کي بدنام ڪن ٿا. طارق بہ پنهنجي افساني ”منهن ڪارو“ ۾ اهڙو ئي هڪ مسئلو پيش ڪيو آهي پر اهو چوري نٿو ڪري، هو ڦُر نٿو ڪري، هو ڌاڙو نٿو هڻي، هن کي پئسن جي ضرورت ڪونهي، هو تہ هڪ قوم پرست آهي، هو تہ پنهنجي قوم جي غريب عوام جو همدرد ۽ ساٿي آهي. هو هنن جي حقن لاءِ جتن ٿو ڪري، مثال طور: هو لکي ٿو تہ: ”اهي تہ قوم پرست آهن، هر ڪنهن ڏکويل جا هڏ ڏوکي، هارين ۽ مزدورن جي حقن لاءِ، پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ، انهن ڪهڙو ڏوھ ڪيو آهي، جو سندن منهن ڪارو ڪري، موچڙن جا هار پارائي گڏھ تي ويهاري، ائين سرگس ڪڍي ويئي آهي.“ (طارق اشرف، 1978ع، ص: 153) ”سندن ڏوھ اهو هو جو، انهن هارين جي بي دخلي ۽ مزدورن جي چانٽي خلاف وڏيرن ۽ سرمائيداري خلاف زوردار تحريڪ هلائي هئي. هارين ۽ مزدورن کي پنهنجا جائز حق زوري وٺڻ جي ترغيب ڏني هئي، وڏيرن ۽ سرمائيدارن جون ننڊون حرام ٿي ويون هيون. انهن جو عظيم ڏوھ اهو هو تہ انهن هارين ۽ مزدورن کي سجاڳ ٿي ڪيو.“

طارق اشرف 1980ع ۾ سنڌيءَ ۾هڪ ناول، ”ميرو ڌاڙيل“ جي نالي سان لکي شايع ڪرايو. اهو بہ سندس لکيل هڪ بهترين ناول هو، جيڪو هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾هڪ ڌاڙيل جي سچي ۽ حقيقي ڪهاڻي آهي، جيڪا ميرو پاڻ ٻڌائي ٿو. سنڌي ادب ۾ هن قسم جو اهو پهريون ناول آهي. طارق جڏهن جيل ۾ هوندو هو تہ مختلف قيدين سان حال احوال ڪندو رهندو هو ۽ انهن جي مسئلن کي نوٽ ڪندو رهندو هو، سندس ڪيتريون ڪهاڻيون بہ انهن نوٽس مان ڪڍي لکيل آهن. اتي جيل ۾ هن جي ملاقات ميروءَ سان ٿي، جنهن ڪيس پنهنجي بي گناهيءَ جو سڄو قصو ٻڌايو تہ: ”هو هڪ شريف، نيڪ نمازي، سچار، ايماندار ۽ بهادر انسان هو. انهيءَ ڪري وڏيرا ڪيس پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ، جيل موڪليندا رهندا هئا ۽ سزائون ڏياريند رهندا هئا. اهڙيءَ ريت هن جي جيل وڃڻ ڪانپوءِ، هنن سندس

سڄي خاندان کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. ميرو بهادر هو، هو جيل جون سختيون ۽ سزائون برداشت ڪندي، وڏيرن کان بدلي وٺڻ خاطر ڌاڙيل بڻجي ويو. طارق هن ناول کي پهريون قسطوار شايع ڪرايو، پوءِ مڪمل ڪري ناول جي صورت ۾ شايع ڪيو. هن ناول ۾ ميرو پنهنجي زندگيءَ بابت ٻڌائيندي چوي ٿو تہ: مان بہ انسان آهيان، انهيءَ واقعي منهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو. مون کي حقيقت ۾ حڪومت پاڻ ٺي بدمعاش ڪيو هو.(طارق اشرف، 1980ع، ص: 16)

طارق اشرف ميروءَ جي بي ڏوهي بابت ٻڌائي ٿو تہ: "هو هڪ سچار، بهادر ۽ هر ظلم جو مقابلو ڪندڙ انسان هو. انهيءَ ڪري جيڪڏهن سنڌ جي وڏيرو ڪيس پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ ڪيس ايترين تڪليفون ۽ اذيتون نہ ڏياري ها، يا پوليس ڪيس بنا ڏوهہ جي گرفتار نہ ڪري ها تہ ميرو ڌاڙيل نہ بڻجي ها."

طارق اشرف بلو دادا ۽ پشو پاشا جي ڪردار وانگر ميروءَ جي بي گناهي بيان ڪندي، سنڌ جي وڏيرن، زميندارن، جاگيردارن ۽ پوليس کي مسڪين ۽ ايماندار ماڻهن تي ظلم ڪرڻ تي ننديو آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين وانگر هن ناول ۾ بہ، انهن جي ڪرتوتن کي وائکو ڪيو آهي ۽ ڏوهارين، ڌاڙيلن ۽ خونين جي روپ ۾ بڻجندڙ لاءِ سماج کي ۽ ملڪ جي اندي قانون کي ڏوهاري ڄاڻايو آهي. جيستائين هن ملڪ ۾ اهڙا ظلم ٿيندا رهندا، تيستائين خوني ۽ ڌاڙيل پيدا ٿيندا رهندا.

بهرحال طارق اشرف پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ تمام گهڻو لکيو. هو سنڌي قوم جو درد رکندڙ هو. هن سنڌين سان ٿيندڙ ظلم خلاف لکيو هو. هن سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ جستجو ڪئي. هن غريبن، مسڪينن، شاگردن ۽ عورتن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب ويو هو. انهيءَ ڪري هو سنڌي ادب، سنڌي قوم جو هڪ بهادر هيرو ليکيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ سندس نالو هميشہ قائم دائم رهندو.

## حوالا

1. رشيد ڀٽي، "خط، انٽرويو، تقريرون"، نيوفيلڊس، حيدرآباد، 1987ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

2. طارق اشرف، "زندگيءَ جو تنها مسافر"، نيو فيلڊس، حيدرآباد، 1978ع.
3. طارق اشرف، "ميرو ڏاڙيل"، سهڻي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1980ع.
4. سهڻي جي مختلف پرچن جا مهاڳ، سهڻي پريس، حيدرآباد.
5. طارق اشرف، "تنها تنها"، سهڻي پبليڪيشن، 1978.
6. طارق اشرف، "ميرو" (ناول)، سهڻي پبليڪيشن.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair